SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ ايڪٽ نمبر VIII مجريه 2006

# SINDHACT NO.VIII OF 2006

# ڪوسٽل ڊولپمينٽ اٿارٽي (ترميم) ايڪٽ، 2006

# THE COSTAL DEVELOPMENT AUTHORITY (AMENDMENT) ACT, 2006

## فهرست(CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2. 1994 جي سنڌ ايڪٽ XXVIII جي ترميم
Amendment of Sindh Act XXVIII of 1994
3. 1994 جي سنڌ ايڪٽ XXVIII جي دفعه 2 جي ترميم
Amendment of section 2 of Sindh Act XXVIII
4. 1994 جي سنڌ ايڪٽ XXVIII جي دفعه 5 جي ترميم
Amendment of section 5 of Sindh Act XXVIII
5. 1994 جي سنڌ ايڪٽ XXVIII جي دفعه 6 جي ترميم
Amendment of section 6 of Sindh Act XXVIII

1994.6 جي سنڌ ايڪٽ XXVIII ۾ دفعہ 6_A جي شموليت
Insertion of section 6_A of Sindh Act XXVIII of 1994
1994.7 جي سنڌ ايڪٽ XXVIII جي دفعہ 7 جي ترميم
Amendment of section 7 of Sindh Act XXVIII

# سنڌ ايڪٽ نمبر VIII مجريہ 2006

# SINDHACT NO.VIII OF 2006

# ڪوسٽل ڊولپمينٽ اٿارٽي (ترميم) ايڪٽ، 2006

# THE COSTAL DEVELOPMENT AUTHORITY (AMENDMENT) ACT, 2006

[22 ڊسمبر 2006]

ايڪٽ جنهن ذريعي ڪوسٽل ڊولپمينٽ اٿارٽي ايڪٽ، 1994 ۾ ترميم ڪئي ويندي؛

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ ڪوسٽل ڊولپمينٽ اٿارٽي ايڪٽ، 1994 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

ان ڪري هن ريت عمل ۾ آندو ويندو:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1.(1) هن ايڪٽ کي ڪوسٽل ڊولپمينٽ اٿارٽي (ترميم) ايڪٽ، 2006 سڏيو ويندو.

(2)هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

1994 جي سنڌ ايڪٽ XXVIII جي ترميم

2. ڪوسٽل ڊولپمينٽ اٿارٽي ايڪٽ، 1994 ۾، جنهن کي هن کانپوءِ ڄاڻايل ايڪٽ سڏيو ويندو، سڄي ايڪٽ ۾ لفظن "ڪوسٽل ڊولپمينٽ اٿارٽي" لاءِ لفظ "سنڌ ڪوسٽل

ڊولپمينٽ اٿارٽي” متبادل هوندا.

Amendment of Sindh Act XXVIII of 1994

1994 جي سنڌ ايڪٽ XXVIII جي دفعہ 2 جي ترميم
Amendment of section 2 of Sindh Act XXVIII

3. جاڙايل ايڪٽ جي دفعہ 2 ۾ شق (c) کانپوءِ هيٺين ريت تبديلي ڪئي ويندي:

“(cc) “ڊائريڪٽر جنرل” مطلب اٿارٽي جو ڊائريڪٽر جنرل؛”.

1994 جي سنڌ ايڪٽ XXVIII جي دفعہ 5 جي ترميم
Amendment of section 5 of Sindh Act XXVIII

4. جاڙايل ايڪٽ جي دفعہ 5 ۾ ذيلي دفعہ (1) لاءِ هيٺين ريت متبادل هوندو:

“(1) گورننگ باڊي چيئرمين ۽ هيٺين ميمبرز تي مشتمل هوندي:

(a) حڪومت جي هيٺين کاتن جا سيڪريٽريز:

(i) پلاننگ ۽ ڊولپمينٽ کاتو؛
(ii) ماليات کاتو؛
(iii) فاريسٽ ۽ جهنگلي جيوت کاتو؛
(iv) آبپاشي ۽ توانائي کاتو؛
(v) زراعت کاتو؛
(vi) ثقافت، رانديون، نوجوانن جا معاملا ۽ سياحت کاتو؛

(vii)مڪاني حڪومت، ڪچي آباديون ۽ مقامي ترقي ڪاتو.

(viii)ورڪس ۽ سروسز ڪاتو.

(ix)ماحوليات ۽ متبادل توانائي ڪاتو. ۽

(x)لائيو اسٽاڪ ۽ فشريز ڪاتو.

(b) ڊسٽرڪٽ ڪوآرڊينيشن آفيسر ٺٽو ۽ بدين؛

(c) صوبائي اسيمبلي سنڌ جا ٻه ميمبرز هر هڪ ٺٽي ۽ بدين ضلعن مان وڏي وزير طرفان نامزد ڪيا ويندا؛

(d)صوبي جا ٻه ناميارا ماڻهو وڏي وزير طرفان نامزد ڪيا ويندا؛ ۽

(e)ڊائريڪٽر جنرل جيڪو گورننگ باڊي جو سيڪريٽري پڻ هوندو.

1994 جي سنڌ ايڪٽ XXVIII جي دفعہ 6 جي ترميم
Amendment of section 6 of Sindh Act XXVIII

5.ڄاڻايل ايڪٽ جي دفعہ 6 لاءِ هيٺين ريت متبادل هوندو:

"6.(1) پلاننگ ۽ ڊولپمينٽ ڊپارٽمينٽ جو وزير چيئرمين هوندو.

(2)چيئرمين ۽ ميمبرز اهڙيون ذميداريون سرانجام ڏيندا ۽ اهڙا ڪم سرانجام ڏيندا، جيڪي انهن کي هن ايڪٽ تحت سونپيا ويا هجن.

(3) جتي چيئرمين غير حاضر هجي يا پنهنجا ڪم سرانجام ڏيڻ لائق نہ هجي، ايڊيشنل چيف سيڪريٽري (ڊولپمينٽ) گورننگ باڊي جو ڪنوينر

هوندو ۽ چيئرمين جون ذميداريون سرانجام ڏيندو.”.

1994 جي سنڌ ايڪٽ XXVIII ۾ دفعہ 6_A جي شموليت
Insertion of section 6_A of Sindh Act XXVIII of 1994

6. ڇاٽايل ايڪٽ ۾، دفعہ 6 کانپوءِ هيٺين نئين دفعہ شامل ڪئي ويندي:

“6_A. (1) حڪومت ان ماڻهو کي ڊائريڪٽر جنرل مقرر ڪندي جيڪو اهڙي قابليت رکندو هجي ۽ اهڙين شرطن ۽ ضابطن تحت جيئن اها طئي ڪري.

(2) ڊائريڪٽر جنرل اٿارٽي جو چيف ايگزيڪيوٽو هوندو.

هن ايڪٽ جي گنجائشن ۽ قاعدن موجب ۽ چيئرمين جي عام ضابطي تحت، ڊائريڪٽر جنرل:

(a) موثر ضابطو رکندو ۽ اٿارٽي جي روز مرہ ڪمن جي سهڻي نموني ادائگي جو ذميدار هوندو؛

(b) اٿارٽي جي مالي ۽ ايگزيڪيوٽو انتظامن جي نگراني ڪندو ۽ اهڙا ڪم سرانجام ڏيندو ۽ اهڙا اختيار استعمال ڪندو، جيڪي ڪيس هن ايڪٽ تحت منتقل ڪيا يا سونپيا ويا هجن؛

(c) اٿارٽي طرفان ڪيس ڪرڻ يا قانوني ڪارروائي ۾ شامل ٿيڻ ۽ ان سان لاڳاپيل معاملن لاءِ ذميدار هوندو؛

(d) اٿارٽي جي حڪمن جي نگراني ڪرڻ ۽ عملدارآمد لاءِ ذميدار ۽ بااختيار هوندو؛

(e)اٿارٽي جي عملدارن مٿان انتظامي ضابطو استعمال ڪرڻ جا اختيار هوندا.

1994 جي سنڌ ايڪٽ XXVIII جي دفعہ 7 جي ترميم
Amendment of section 7 of Sindh Act XXVIII

7.ڄاڻايل ايڪٽ جي دفعہ 7 جي ذيلي دفعہ (2) ۾ لفظن "مانيٽرنگ جو" لاءِ لفظ "۽ جي مانيٽرنگ" متبادل هوندا.

**نوٽ:ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**